

بالڪ ڏرتيءَ تانڊاٽا
(هارن لاءِ شاعري)
وحيد محسن

# ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاٽا

(ٻارن لاءِ شاعري)

وحيد مُحسن




2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

Book No:26

Balk Dharti,a Tandana
Children Potry
Waheed Muhsin
Composed By:
Jibran Ali Soomaro
Lyout: Zen Computer,s
Dec: 2017
Publishid by:
Murk publication Karachi

ٻالڪ ڌرتيءَ تانڌاڻا
ٻارن لاءِ شاعري
وحيد محسن
ڪمپوزنگ: جبران علي سومرو شڪارپور
فون نمبر 03337265582
اِي. ميل :Shareefshad75@gmail.com
jibransoomro47@gmail.com
پروف ريڊنگ: عبدالجبار "عاجز" منگي
لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس
اشاعت: ڊسمبر2017ع
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" اڪيڊمي شڪارپور

ڇپيندڙ:

مُرڪ پبليڪيشن

Office: Room No 403 4th Flor Sabir manzil 98
Near Gul Plaza Morston Road Karachi
murtaza.laghari9@gmail.com
murtaza.laghari@ymail.com
03005182494

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع
www.sindhsalamat.com

ملهه: 80 رپيا

ڪتابن ملڻ جا هنڌ:

پٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد ، -ڪائيواڙ شاپ، اردو بزار ڪراچي،
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو-
وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور، عزيز ڪتاب گهر سڪر،
تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس، پريتم قاضي نواب شاهه،
مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاڻا"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب نامياري شاعر ۽ ليکڪ وحيد محسن جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو مجموعو آهي. مهاڳ ۾ وفا منظور چوهاڻ لکي ٿو:

"وحيد مُحسن ٻارن لاءِ ڪافي شاعري ڪئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ٻارن کي اتساهه ڏيندڙ جذبا موجود آهن. هن ٻارن جي وندر ۽ تفريح سان گڏ، انهن کي همت، جوش، جذبي سان اڳتي وڌڻ جو حوصلو به ڏنو آهي، ته وري انهن جي نصيحت واري انداز ۾ سندن اخلاقي پرورش به ڪئي آهي. سندس ٻارڙن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو "ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاڻا" اهڙن سڀني معيارن تي پورو لهي ٿو. جيڪا ڳالهه ٻارڙن جي شاعر لاءِ ضروري هوندي آهي ته هو ٻارن جي معيار وٽان لکي وحيد محسن کي وري ٻارن تي لکڻ جو پورو پورو ڏاڻ آهي. هو ٻارن جو نمائنده شاعر آهي."

هي ڪتاب **مُرڪ پبليڪيشن** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون مُرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي، مهربانيون وحيد محسن جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


- ❖ ارپنا 7
- ❖ اداري پاران: مرتضيٰ لغاري 8
- ❖ پنهنجي پاران: وحيد مُحسن 9
- ❖ مهاڳ: وفا منظور چوهاڻ 13
- ❖ حمد 23
- ❖ حمد 24
- ❖ نعت 25
- ❖ شاهه پٽائي 26
- ❖ ٽانڊاٽا 27
- ❖ سنڌي ٻولي 28
- ❖ خواب 29
- ❖ گُڏڙو گُڏڙي 30
- ❖ روشن تارا 31
- ❖ ڪاپي ڪلچر 32
- ❖ پوپٽ 33
- ❖ عيد مبارڪ 34
- ❖ ٽيليويزن 35
- ❖ وطن جا راڻا 36
- ❖ اُپ تي تارا 37
- ❖ اُستاد 38
- ❖ روئي جيجل ٿي 39
- ❖ ميلا آهن هتڙي 40
- ❖ ڏاها ٽيندا 41
- ❖ مستقبل جا معمار 42

- محنت 43
- ہار اسان جا مورَ 44
- سکر شهر 45
- بادل 46
- جوت 47
- چوڙيل 48
- سائيڪل 49
- لغڙ 50
- اسڪول 51
- جاڳي پئو 52
- سنڌ سونهاري 53
- طوطو 54
- عِلمُ پرايون 55
- لولي 56
- ڏرتي 57
- منڙي ٻولي 58
- چوستا: جاڳو، ڪلن ٽا. 59
- جيءَ جيارا، معصوم 60
- ڦاٽل چولا، راند 61
- سنڌي الفابيٽ تي ٽيڙو پٽي 62

# ارپنا

شڪارپور جي نامور محقق، اديب
پنهنجي وڏي پاڻ ۽ ادبي استاد
محترم محمد شريف "شاد" سومرو
جي نالي

وحيد مُحسن

## پبلشر نوٽ:

وحيد محسن بنيادي طور تي ٻاراڻي ادب جو ليکڪ آهي، ساڻس منهنجي واقفيت ايتري پراڻي نہ آهي، پر جڏهن کان کيس سڃاڻا تڏهن کان سمجهان ٿو ته هو معصوم جذبن جو مالڪ آهي. سندس منهن تي معصوم مُرڪ هر وقت نمايان نظر اچي ٿي. وحيد محسن توڙي جو وڏن جي ادب جو بهترين ۽ سگهارو ليکڪ آهي پر سندس پهرين ٻہ ٻاراڻين ڪهاڻين جا ٻہ مجموعا **"برائي جو بدلو"** ۽ **"مهمان جهرڪي"** شايع ٿي چڪا آهن. سندس ٽيون ٻاراڻي شاعري جو مجموعو **"ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاڻا"** اوهان جي هٿن ۾ آهي.

ٻار مستقبل جا معمار هوندا آهن، سندن بهتر تربيت ئي مستقبل جي ضمانت هوندي آهي، هر ليکڪ جي جيڪا لکڻي ٻارڙن جي مصوم مرڪن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري اُها ئي سندن بهتر رهنمائي ڪري سگهي ٿي. وحيد محسن اهڙن تخليقڪارن مان هڪ آهي، جيڪي ڦوهہ جواني ۾ دنيا جون ناگوارا رنگينيون هڪ پاسي رکي پنهنجو قيمتي وقت اهم ترين ڪم کي اربين ٽا، جنهن مان نہ صرف ذاتي زندگي فضوليات کان بچي وڃي ٿي پر سندن جستجو سماج ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. وحيد محسن پڻ پنهنجو قيمتي ٽائيم اهڙي اهم ڪم کي ڏنو آهي، جنهن سان نہ ٻار جي سنوار ممڪن آهي پر سندس لکڻين ۾ سگهارو پيغام ٻہ نظر اچي ٿو.

وحيد محسن جو ٽيون ٻاراڻي شاعري تي مشتمل مجموعو **"ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاڻا"** "**مرڪ پبليڪيشن**" طرفان شايع ڪري خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون، ان جو سبب اهو ٻہ آهي تہ اداري ٻاران ٻاراڻي ادب جي شروعات وحيد محسن جي هن شعري مجموعي **"ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاڻا"** کان ٿي رهي آهي. اميد اٿئون تہ اسان جي هن ڪوشش کي سُهڻي موت ملندي، نتيجي ۾ ٻاراڻي ادب جا وڌيڪ ڪتاب پڙهندڙ کي ڏئي سگهون ٿا.

**مرتضيٰ لغاري**
03005182494

# پنهنجي پاران:

مان جڏهن پرائمري اسڪول پڙهندو هيس ان وقت سنڌيءَ جي ڪتاب ۾ رسيلا نظم ۽ گيت شامل هوندا هئا انهن کي اسان سيئي شاگرد گڏجي سُر ۾ پڙهندا هئاسين ته اسان کي ان جي چاشنيءَ مان لطف ملندو هيو. اهڙي طرح اهي نظم ۽ گيت اڄ به اسان کي ياد آهن شايد ڪڏهن به نه وسرن!

مون جنهن گهراٽي ۾ جنم ورتو اُتي مذهبي تعليم سان گڏ تدريسي تعليم کي پڻ اهميت ڏني ويندي هئي ۽ اسان جي تربيت سهڻي نموني سان ٿيندي رهي. مان انٽين ڪلاس ۾ پڙهندو هيس ته منهنجو وڏو ڀاءُ محمد شريف "شاد" سومرو اسان کي گهر ۾ ٽيوشن پڙهائيندو هيو ۽ اسان شوق سان پڙهندا هئاسين. پڙهائيءَ جي وقت پڙهائي ۽ راند جي وقت راند کيڏندا هئاسين جنهن ۾ ڪرڪيٽ اسان جي محبوب راند هوندي هئي. اسڪول جي دور ۾ ڊسٽرڪٽ ليول تي ليڊر واري بال سان ٽورنامينٽ شڪارپور جي هاءِ اسڪول نمبر 2 ۾ ٿيندي هئي ۽ مون انٽين ڪلاس ڪان مٿرڪ تائين پنهنجي اسڪول، گورنمينٽ هاءِ اسڪول رستم طرفان نمائندگي ڪئي.

ادا محمد شريف "شاد"، گوهر سنڌي، عبدالمنان "عاجز" مهر ۽ ٻين دوستن گڏجي رستم ۾ شاهه عبداللطيف لائبريري 1983ع ۾ قائم ڪئي ۽ مون کي ان لائبريري مان آسانيءَ سان ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندا هئا. شروعات ۾ مون ماهوار گل ڦل ۽ ٻارن

جون ڪهاڻيون پڙهندو هيس. جنهن مان مون کي تمام گهڻو اُتساهه مليو ۽ روزانو لائبريري وڃڻ جي تانگهه من ۾ هوندي هئي ۽ دل چوندي هئي ته جيڪر آءٌ به اهڙا شعر ۽ ڪهاڻيون تخليق ڪيان.

اُن دور ۾ سنڌ اندر ٻارڙن لاءِ عِلمي ادبي تنظيمون ڪم ڪنديون هيون ۽ اسان وٽ رستم ۾ به ٻارڙن جي عِلمي ادبي تنظيم، لطيف سنگت شاخ رستم جو بنياد محمد شريف "شاد" سومرو، آزاد بخاري، گوهر سنڌي، جن جي محنت سان پيو جنهن ۾ اسان جيڪي دوست شامل ٿيا هئاسين تن ۾ در محمد مهر، صدرالدين منگي، نور محمد منگي، واحد ڪلهوڙو، عبدالغفور سومرو، عبدالواحد زاهد سومرو، جميل احمد سومرو، فيض احمد مهر، اسد الله سومرو ۽ ٻيا شامل هوندا هئا. مون کي ان جو پهريون جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو هو. منهنجي ادبي سفر جي شروعات به اتان ئي ٿي هئي، مون شروعات ۾ مضمون، ڪهاڻيون ۽ ٻارن لاءِ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هئي. انهيءَ ڪرت کي اڄ تائين قائم رکيو آهي. هي منهنجو ڪتاب: **"ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاڻا"** ٻارن لاءِ ٿيون تحفو آهي ان کان اڳ ۾ منهنجا ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب: **"برائيءَ جو بدلو"** ۽ **"مهمان جهرڪي"** شايع ٿي چڪا آهن. ٻارن لاءِ هن وقت گهڻا ڪتاب ڇپجي رهيا آهن اڳ ۾ خوبصورت ماهوار رسالا نڪرندا هئا جيڪي هن وقت شايع نٿا ٿين انهن جي کوٽ شدت سان محسوس ٿي رهي آهي، جنهن جي

پورائي ڪرڻ ممڪن ناهي بهرحال منهنجي ٻاراڻي ادب سان جيڪا وابستگي رهي آهي ان جذبي تحت هي ڪتاب اوهان جي آڏو آڻيندي خوشي محسوس ٿئي ٿي جيئن شاعريءَ جو تعلق اسان سان زندگيءَ جيان جڙيل آهي ان کان ڌار ٿي نٿا سگهون، ان ۾ زندگيءَ جا سيئي رنگ شامل هوندا آهن. ٻار جڏهن پنهنجي معصوم انداز سان اسڪول ۾ نظم ۽ گيت پڙهن ٿا، جهونگارين ٿا انهيءَ وقت پکي فضا ۾ لاتيون لنون ٿا انهيءَ وقت ڪائنات ۾ جهومي پوي ٿي. امن، سلامتي ۽ سُکَ جون باکون ڦُٽن ٿيون اهڙن لمحن جو قدر ڪرڻ ۽ آئيندي جو اونو ڪرڻ اسان سيني جي ذميواري آهي.

آڳ ٻارن لاءِ ان ڪري لکان ٿو تہ مان جڏهن ٻار هوندو هيس تہ اسان جا وڏڙا شاعر، اديب اسان لاءِ لکندا هئا ۽ اهي هن ڌرتيءَ جا ذميوار فرد هئا، انهيءَ ذميواريءَ کي مون محسوس ڪندي شاعريءَ جي هن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ وندر، ڇاڙ، عِلمُ، ادب ۽ نصيحت ۾ريا گڏ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ان ۾ آڳ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان اهو اسان جا ٻار ۽ اسان جا شاعر، اديب پُڌائي سگهن ٿا.

مون کي پنهنجي قوم جي ٻارن جو سدائين اونو رهندو آهي ۽ انهن جي لاءِ فڪرمند هوندو آهيان، مان چاهيان ٿو تہ جيڪا مون کي زندگي ملي آهي اها انهن جي خدمت ڪندي گذاريان، انهن جي معصوم ادائن ۾ سنڌن دنيا کي روشن ڪرڻ لاءِ ڪو اُجالو ٻڌايان ۽

انهن جي سوچ کي سهڻي ٻڌائڻ لاءِ اهڙو ڪارائتو ڪردار ادا ڪيان جنهن سان منهنجي مَنَ کي ٻه شانتي ملي.

آءٌ ٿورائتو آهيان پنهنجي پائٽيي جبران علي سومري جو جنهن هن ڪتاب کي سهڻي نموني سان ڪمپوز ڪرڻ جي ذميواري نيائي ۽ پنهنجي پياري دوست محترم عبدالجبار "عاجز" منگي ۽ فيض سومري جو ٻه ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جي پروف ريڊنگ ڪئي ۽ بيڪ ٽائيٽل لاءِ پنهنجي لکڻيءَ سان نوازيو ان کان علاوه بيوس بهار سومري جو پڻ ٿورائتو آهيان جن ڪتاب جي ڇپائي بابت پنهنجا سهڻا رايا ڏنا ۽ ٻيو خاص ڪري **"مرڪ پبليڪيشن"** ڪراچي جي سرواڻ محترم مرتضيٰ لغاري جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي هن ڪتاب: "ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاٽا" کي خوبصورت نموني سان ڇپائي پڌرو ڪيو.

**وحيد مُحسن**

5 سيپٽمبر 2017ع
مسڪين شاهه محلو
بيگاري روڊ شڪارپور
03073529117

## مهاڳ:

جنهن قوم جا ٻار ايڏا سجاڳ هجن ۽ اهي پنهنجي ٻالڪپڻي ۾ ئي قوم جي مستقبل لاءِ سوچن ۽ لوچن ٿا اها قوم ڪڏهن ب فنا ٿي نٿي سگهي. ۽ جنهن ٻوليءَ جو ٻاراٽو ادب ايڏو سگهارو هجي. جو ان ٻوليءَ جي ٻاراٽي ادب جا سرجٽهار ب خود ٻالڪ هجن تہ ان ٻوليءَ جي ٻاراٽي ادب جو معيار چا تہ هوندو!

بهرحال هن حقيقت کان ب ڪو ڪنڌ ڪيڏائي نٿو سگهي تہ. جيڪي ليکڪ ٻارن جي ادب کان لکڻ شروع ڪن ٿا. سي وڏا ٿي ب ٻارن لاءِ بهتر. سنو ۽ معياري ٻاراٽو ادب تخليق ڪندا آهن. اسان جي پياري سنڌ ڏرتي ب اهڙن تخليقي صلاحيتن سان مالا مال آهي. جنهن وقت ب وقت اسان کي ٻاراٽي ادب جا اهڙا سگهارا ۽ تخليقي ذهن پيدا ڪري ڏنا آهن. جن جون ٻاراٽي ادب ۾ خدمتون نمايان رهيون آهن. انهن ۾ مرزا قليچ بيگ. لطف الله بدوي. ڪشنچند بيوس. آغا تاج محمد خان. احسان بدوي. نثار بزمي. استاد بخاري. رحمت الله "شوق" شڪارپوري. عبدالرحمان جتوئي. ادل سومرو. عبدالجبار عبد. ايار پاتولي. مقصود گل. ارباب علي "عادل" چوهاڻ. ايازگل. غلام محمد غازي. آصف منياڻوي. مشتاق بخاري. وفامنظور چوهاڻ (راقم الحروف) ۽ وحيد مُحسن وغيره اچي وڃن ٿا.

وحيد مُحسن جنهن لکڻ جي شروعات ٻاراٽي ادب کان ڪئي. هُو اڄ ب ايترو ٻارن لاءِ گهڻو لکي رهيو آهي. جيترو هو ٻالڪ وَهيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکندو هيو. توڙي جو اڄ هن ٻالڪ وَهيءَ کي پار ڪري جويَن جوانيءَ ۾ پير پاتو آهي. پر پوءِ ب سندس لکڻين ۾ ٻالڪپڻي جي عڪاسي ٿيل هوندي آهي هُو بنيادي طور ٻارن جو ليکڪ آهي ۽ اهائي

سندس سچاٽپ ۾ آهي. هن ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۾ لکيون آهن تہ انهن جي مسئلن تي مضمون ۽ ڪالم ۾ لکيا آهن، جنهن ۾ ٻارن جي سماجي، معاشي ۽ اخلاقي پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. سندس ان روپ کي ڏسي حقيقت مڃيو تہ هُو معاشري يا ٻارن جو اصلاح ڪندڙ رهيو آهي، جيڪا ڳالهہ وحيد مُحسن جي لاءِ محنتن جو هڪ سٺو نتيجو آهي جنهن ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي ٻارن جي دلين ۾ پنهنجي جاءِ ٻڌائي ورتي هئي.

وحيد مُحسن ٻارن لاءِ ڪافي شاعري ۾ ڪئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ٻارن کي اتساهہ ڏيندڙ جذبا موجود آهن. هن ٻارن جي وندر ۽ تفريح سان گڏ، انهن کي همت، جوش، جذبي سان اڳتي وڌڻ جو حوصلو ۾ ڏنو آهي، تہ وري انهن جي نصيحت واري انداز ۾ سندن اخلاقي پرورش ۾ ڪئي آهي. سندس ٻارڙن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو "ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاٽا" اهڙن سيني معيارن تي پورو لهي ٿو. جيڪا ڳالهہ ٻارڙن جي شاعر لاءِ ضروري هوندي آهي تہ هو ٻارن جي معيار وٽان لکي وحيد محسن کي وري ٻارن تي لکڻ جو پورو پورو ڏاڻ آهي. هو ٻارن جو نمائنده شاعر آهي "ٻالڪ ڏرتيءَ تانڊاٽا" ڪتاب جي شروعات الله سائينءَ جي ساراهہ يعني حمد سان ٿيل آهي. الله تعاليٰ جي تعريف ۽ وڏائي بيان ڪرڻ هر ڪنهن کي جُڳائي ٿو. هُو الله سائينءَ جي تعريف بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

**لک وار وڃان صدقي، قادر جي رضا آهي،**
**دل صاف رکان هردم، جيئن چنڊ صفا آهي!**
**تعريف ڪئي احمد، پيو ڪير ڪري هتڙي،**
**سر جان فدا تنهن تان، مالڪ ئي خدا آهي.**

الله تعاليٰ جي ساراهه ڪان پوءِ نبي ڪريم ﷺ جي ثنا بيان ڪرڻ الله سائينءَ جي راضپي جو سبب بہ آهي. وحيد محسن بہ حمد ڪان پوءِ نعت هن ڪتاب ۾ ڏني آهي.

**پلارو نبي جيئن نگهبان آيو.**
**۽ ڏرتيءَ تي سهڻو ٿي مهمان آيو.**
**اڇي زلف سُهڻا جنهن جا ڏند موتي،**
**مثل ڪونہ اهڙو ڪو انسان آيو.**

هر ڪنهن کي پنهنجي ڏرتي ۽ ٻوليءَ سان پيار هوندو آهي. اها هڪ فطري محبت آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڪيس پنهنجو عڪس/ چهرو ۽ پنهنجائپ نظر ايندي آهي، جيڪا سندس ٻولي هوندي، ان ۾ ڪيس ماءُ جي ڏنل لولي بہ وٽندي آهي، هو پنهنجي سنڌي ٻوليءَ بابت چئي ٿو.

**سنڌي ٻولي پياري آهي،**
**سيني کان تہ نياري آهي.**
**ننڍڙا وڏڙا خوب پڙهن ٿا،**
**ٻولي الفت واري آهي.**

يا ڪنهن لوليءَ ۾ بہ اهڙا اجرا احساس ملن ٿا جنهن جي پڙهڻ ڪان پوءِ من ۾ ٻوليءَ ۽ لوليءَ جي پيار واري ڇڪ پيدا ٿئي ٿي.

**لولي منڙي لولي آهي،**
**منڙي پنهنجي ٻولي آهي.**
**مرڪ پياري ٻالڪ جي آ،**
**ساگر جي ڪا ڇولي آهي.**

شاهُ پٽائي انسانيت جو عِلمُبردار رهيو آهي، جنهن سان هر سنڌ واسيءَ جي محبت آهي، ۽ اها شاهه پٽائيءَ جي سنڌ شناسي آهي، جو شاهه پٽائي کان سنڌ جو هر شاعر متاثر آهي. وحيد مُحسن به شاهه پٽائيءَ کي کونه وساريو آهي، هو چئي ٿو:

**سچ سگهارو شاهه پٽائي،**
**ڏرتي تارو شاهه پٽائي.**
**وحدت واري وائي اُن جي،**
**سهڻو سارو شاهه پٽائي.**
**سنڌي ٻوليءَ جو آ حامي،**
**لفظن وارو شاهه پٽائي.**

وحيد محسن ٻارن جو نفسياتي پروفيسر آهي، جنهن ٻارن جي نفسيات کي ڄاڻي، سندس ئي ٻوليءَ ۾ انهن جي جذبن، احساسن، عادتن ۽ خصلتن کي بيان کيو آهي، سندس لکڻ جو هڪ پنهنجو ڍنگ آهي هن نظم ۾، هو ٻارن جي کيفيت کي کجهه هن طرح بيان کري ٿو ته:

**ٻار وطن جا راڻا آهن،**
**موتين جا ڄڻ داڻا آهن.**
**ميرن هرگز دل ۾ رکندا،**
**من جا صافُ سياڻا آهن.**
**وڏڙن جي پوئواري کن ٿا،**
**نوڙت نياز نماڻا آهن.**

گهر ۾ ٻار جڏهن ابا ۽ امان جهڑا لفظ ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي تہ گهر ۾ پيءُ ماءُ لاءِ سندن معصوم مُرڪ ۽ منڻا منڻا ٻول، انهن جي دلين ۾ هڪ نئين بهار جهڙي خوشي آڻيندا آهن. هن وقت جي تقاضا آهي تہ اسان اهڙن مستقبل جي معمارن جي صحيح پرورش ڪيون انهن جي گهَر کان ئي سڻي تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪيون، تڏهن ئي هُو اسان جي مستقبل جا صحيح معمار بڻجي سگهندا. هُو ان لاءِ چئي ٿو تہ:

پنهنجا ٻالڪ آهن پيارا،
ابي امڙ جا جيءَ جيارا.
اڇتي وڏندا تعليم پڙهي،
ڏرتيءَ جا پٽ ٿيندا سهارا،
پنهنجا ٻالڪ آهن پيارا!
جوتِ جلائي ٿيندا آڪابر،
ڪريو تن جو خيال خدارا،
پنهنجا ٻالڪ آهن پيارا!

وحيد محسن ننڍپڻ کان ئي عِلمُي، ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان سلهاڙيل رهيو آهي. هو ٻارن جي عِلمُي ۽ ادبي تنظيم "لطيف سنگت سنڌ" لاڙڪاڻو ڊويزن جو سال 1987ع ۾ آرگنائيزر رهيو آهي. جنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ ٻارن جي ايڪتا ۽ حقن جي ڳالهہ بہ ٿيل نظر اچي ٿي هُو ٻارن سان جنسي ڏاڍاين ۽ بين الاقوامي وحشي قاتلن جي وحشي ڪارواين تي تڙپي پئي ٿو.

ٻـــارن جـــا كـــي مـــارا آهـــن،
ظـــالم وحشـــي ســـارا آهـــن.

سنڌ وارا سڀ جاڳي پئو.

مـــاني لاءِ ٿـــو ٻـــار ٻـــاڏائي،
تـــنهن كـــي ظـــالم ٿـــو تڙپـــائي
هـــي گيـــت انهـــن لئـــ ســـارا آهـــن،

سنڌ وارا سڀ جاڳي پئو.

يا هن نظم ۾ ٻارن جي بين الاقوامي حقن وارن تنظيمن كي شرم ڏياري ٿو تہ توهان ايجا ٻارن جي قتل عام تي كيستائين خاموش رهندؤ.

ٻارن جي لاشن تي روئي جيجل ٿي،
ڏرتيءَ جي دانهن تي روئي جيجل ٿي.

بي وقت مُئا جيكي، ٻالك پنهنجا هِن،
سيني جي يادن تي روئي جيجل ٿي.

ظالم ٿو بم اُڇلائي كيئن بصره ۾،
جنگ واري راهُنِ تي روئي جيجل ٿي.

وحيد محسن ٻارن كي كائنات جي حسين نظارن كي ڏسڻ سان گڏ انهن كي محفوظ بنائڻ جو ڏس بہ ڏئي ٿو. هو پوپٽ نظم ۾ ٻارن كي هن ننڍڙي جيت ۾، مختلف حسين ۽ دل كي وٽندڙ رنگن تي غور كرڻ لاءِ

چئي ٿو تہ ڪيئن نہ الله سائين هن ننڍڙي جيت کي سھڻو ۽ خوبصورت بڻائي، پنھنجي قدرت جو ڪمال ڏيکاريو آھي.

هو ڏس جاني پيارا پوپٽ،
رنگ برنگي سارا پوپٽ.
رنگ ڪيڏا ٿس پرڻن تي واھ،
اُڏرن جنھن پل نيارا پوپٽ.
دل کي لڳندا سھڻا آھن،
گل ڦل ٽڙيا جيارا پوپٽ.
جاني ان کي پڪڑين چوٿو،
ڪيڏا تنھن سان نظارا پوپٽ!

ٽيليويزن نظم ۾ ھن ٻارن کي ان ۾ ھلندڙ پروگرامن جي تعارف سان گڏ ڪين وقت تي ٽي.وي ڏسڻ ۽ ان مان سٺيون سٺيون ڳالھيون سکڻ جي تلقين ڪندي چئي ٿو.

ٽيليويزن ڏسن ٿا ٻارَ
ڏاڍو خوش ٿين ٿا ٻارَ.
ساجھر اُن ۾ ھلي تلاوت،
ان کي ٻُڌندي رَسي ٿي راحت.
ڊراما اُن ۾ خوب ھلن ٿا،
ڪارٽون ڏسندي ٻارَ کلن ٿا.
سائنس جي پڻ ڄاڻ ملي ٿي،
معلومات جي پي کاڻ ملي ٿي.

وحيد محسن گُڏڙو گُڏِڙِيءَ نظم ۾ ٻارن، خاص ڪري ڇوڪرين لاءِ تفريح جو سامان ٻه فراهم ڪيو آهي تہ ان سان گڏ هن ڇوڪرين لاءِ گُڏي گُڏِڙِيءَ جي سنڌي لوڪ راند جي ڄاڻ ٻه ڏني آهي.

گُـــڏڙو گُـــڏڙِيءَ کـــي پرڻـــايون،
الفـــت جـــا مـــن ســـهرا ڳـــايون.

اوڙي پـــاڙي جـــا گُـــل ڇـــاڇي،
هتـــڙي آڻـــي ٿـــا جُهمـــرِ پـــايون.

تـــون پـــي پنهنجـــون ســـرتيون آڻ نـــي،
رانـــديڪن ســـان رانـــد رچـــايون.

ڪاپي ڪلچر اسان جي تعليمي لياقتن کي وڏو ڇيهو رسائي ٿو تہ جنهن ڪري ڇٽا پيٽيءَ جي مقابلي ۾ ڪاپي ڪندڙ پنڌتي رهجيو وڃي. وحيد محسن ڪاپي ڪلچر کان بچڻ ۽ عِلمُ سان دل لڳائڻ لاءِ چئي ٿو.

اچو تہ ڪاپي ڪلچر مِٽائيون،
عِلمُ سان پنهنجو نينهن لڳايون.

جهالت مرده باد ئي آهي،
عِلمُ سان آهن پال پلايون.

سبق سيڻي ياد ڪريون ۽،
اُستاد پنهنجي کي تہ ٻُڌايون.

هو سنڌ جي ماروئڙن ۾ سانگيئڙن لاءِ دعاگو آهي شاعر سنڌ جي وسندڙ ڳوٺن کي آباد ڏسڻ چاهي ٿو ۽ هڪ اميد رکي ٿو ان لاءِ چئي ٿو تہ:

ڏرتي تنهنجا ڳوٺ وسن ٿا،
ات مٺڑا مارو مرکن ٿا.
ٻالڪ سيڻي مالڪ آڏو،
تنهنجو ڏرتي خير گُهرن ٿا.

مطلب تہ وحيد مُحسن ٻارن جي هر ان موضوع تي لکيو آهي، جيڪي ڳالهيون ٻارن سان لاڳو هوندیون آهين. هُو ٻارن جو من پسند شاعر آهي. هن مٿين نظمن کان علاوه ٻيا بہ ڪافي سڀ نظم ۽ گيت لکيا آهن، جنهن ۾ عيد مبارڪ، محنت، سکر شهر، استاد، معمار، اڀ تي تارا، بادل، جوت، چوڏيل، سائيڪل، لغڙ، اسڪول، طوطو عِلمُ پرايون، سنڌ سونهاري، ميلا آهن هتڑي، لولي وغيره.

مان کيس ٻارڙن کي نظم جو ڪتاب ڏيڻ تي جَس ٿو ڏيان. اُميد تہ هو ايجان گهڻو ٻارن لاءِ لکندو رهندو. ۽ آخر ۾ آءٌ ڪتاب جي ٽائيٽل نظم جون ستون اوهان جي مطالعي لاءِ ڏيان ٿو جنهن ۾ شاعر سنڌ جي

ٻارڻن کي ڌرتيءَ تانڊاٽا ٻانڌيو آهي اهڙي ترڪيب ٻارن جي اهميت کي اُجاگر ڪري ٿي.

ٽِمڪي ٽِمڪي روشن ٿيندا،
ٻالڪ ڌرتيءَ جا تانڊاٽا،
ديس سڄي ۾ هو ٿا ڳائن،
ڌرتي تنهنجا گيت اُڏاٽا.

"وفا" منظور ڇوهاڻ
ڪاليج روڊ شڪارپورسنڌ.
پهرين فيبروري 2016ع

# حمد



لک وار وڃان صدقي، قادر جي رضا آهي،
دل صاف رکان هردم، جيئن چنڊ صفا آهي!

تعريف ڪئي احمد، پيو ڪير ڪري هتڙي،
سِرُ جان فدا تنهن تان، مالڪ ئي خدا آهي.

هو آهه اڪيلو ڏس، مان جنهن جي سهاري آن،
هڪ سوچ رکين سُهٽي، محتاج دعا آهي.

ڪا جوت ٻري جڳ ۾، اُهجاڻ لڏا جوڳين،
درياهه فنا ٿيندا، رب پاڪ سدا آهي!

ڪو ڏينهن نٿي خالي، ڪا رات نٿي خالي،
"مخلوق سندي لب تي، خالق جي ثنا آهي"!

لاچار اٻوجهن تي، ڪر مِهرَ عطا پنهنجي،
سڏ سُٽج مِنا مالڪ، "محسن" جي صدا آهي.

◈◈

## حمد

حاڪم آهين، حڪيم تون ئي،
مالڪ منهنجا، عظيم تون ئي.

رزق ڪشادو، عطا ڪيو تو،
رازق سهڻا، رحيم تون ئي.

هر دم تنهنجو ڪرم رهي ٿو،
ڪرم خدارا، ڪريم تون ئي.

راحت تنهنجي نانوَ وٺڻ سان،
ساهه سهارا، عليم تون ئي.

"محسن" تنهنجو ٻانهو آهي،
قدرت وارا، حليم تون ئي.

◈◈

# نعت



پلارو نبي جيئن نگهبان آيو
ءِ ڏرتيءَ تي سهڻو ٿي مهمان آيو.

اڳي زلف سهڻا جنهن جا ڏند موتي،
مثل ڪونہ اهڙو ڪو انسان آيو.

پڙهي پاڪ پروردگار ٿي صلوات مُحَمّد،
اُمَتَ کي بہ پڙهڻ جو فرمان آيو.

سڀاجهو سراپا هيو عِلمُ جو سِجُ،
اسان جي مٿان ٿي تہ احسان آيو.

ڪري ٿو تہ "محسن" ٿنا جنهن نبيءَ جي،
زماني ۾ سهڻو ٿي سلطان آيو.

◈◈

# شاھ ڀٽائي






سچ سگھارو شاھ ڀٽائي،
ڏرتي تارو شاھ ڀٽائي.

وحدت واري وائي اُن جي،
سھڻو سارو شاھ ڀٽائي.

سنڌي ٻوليءَ جو آ حامي،
لفظن وارو شاھ ڀٽائي.

ٻولي ٻنھنجي جنھن جيئاري،
شاعر ٻارو شاھ ڀٽائي.

رھبر منھنجو سوئي آھي،
الفت وارو شاھ ڀٽائي.

ٻولي لولي اُن جي حامي،
آھ ٻيارو شاھ ڀٽائي.

◈◈

# ٹانڊاٹا

ٽِمڪي ٽِمڪي روشن ٽيندا،
ٻالڪ ڏرتيءَ جا ٽانڊاٹا،

ديس سڄي ۾ هو ٹا ڳائن،
ڏرتي تنهنجا گيت اُڏاٹا.


آباد رهن منهنجي آ دعا،
جِيئَنِ منڙا ٻالڪ راٹا.

ساهه سيباٹا سي ئِي منهنجا،
ڏاهپ وارا جن ۾ داٹا!

سچ جا آهن راهي ٻالڪ،
"محسن" تن کي مان ٹو ڄاٹان.

◈◈

# سنڌي ٻولي



سنڌي ٻولي پياري آهي،
سيني کان ٿـ نياري آهي.

ننڍڙا وڏڙا خوب پڙهن ٿا،
ٻولي الفت واري آهي.

عِلمُ ادب جي جوت ٻري ٿي،
جنهن سڀ جي سوچ سنواري آهي.

ماڻهن کي هُن پنهنجو ٻڌايو،
نفرت مُور نـ ڏاري آهي.

اُجرا اُجرا لفظ پڙهي اڄ،
"محسن" لاڻ ٿـ ٻاري آهي.

◈◈

# خواب



ٻارن جا هِنِ خواب سائين،
هٿڙن ۾ هجن ڪتاب سائين

تنهنجي نانوَ ڪٽڻ کي مالڪ،
سمجهن ٿا سڀ ثواب سائين.

مڪتب ۾ ٿا عِلمُ پرائن،
ٿيندا نيٺ نواب سائين.

ڪيڏي تنهنجي نعمت آهي،
ٻارَ لڳن ٿا گلاب سائين.

استادن کي ڏيندا آهن،
اجرا سهڻا جواب سائين.

◈◈

# گُڏڙو گُڏڙي



گُڏڙو گُڏڙيءَ کي پرڻايون،
الفت جا من سهرا ڳايون.

اوڙي پاڙي جا ڪُل ڄاڻي،
هٿڑي آڻي ٿا جُهمرِ پايون.

تون ڀي پنهنجون سرتيون آڻ ني،
راندين سان راند رچايون.

ڪيڏي ڇاهت تن سان آهي،
هٿڙن کي ٿا ميندي لايون.

"محسن" شادي گُڏڙي جي آ،
خوب مٺائي پڻ ورهايون.

◈◈

# روشن تارا

پنهنجا ٻالڪ آهن پيارا،
ابي امڙ جا جيءَ جيارا.

اڄتي وڌندا تعليم پڙهي،
ڌرتيءَ جا پٽ ٿيندا سهارا،
پنهنجا ٻالڪ آهن پيارا!

جوتِ جلائي ٿيندا اَڪابر،
ڪريو تن جو خيال خدارا،
پنهنجا ٻالڪ آهن پيارا!

ڪوڙ نہ ٻولن سچ جا ساٿي،
ڪيڏا آهن ٻارَ سچارا،
پنهنجا ٻالڪ آهن پيارا!

جڳ ساري ۾ "محسن" سلامت،
ڌرتيءَ تي هن روشن تارا،
پنهنجا ٻالڪ آهن پيارا!

◈◈

# ڪاپي ڪلچر

اچو تہ ڪاپي ڪلچر مِٹائيُون،
عِلمُ سان پنھنجو نينھن لڳايون.

جھالت مردہ باد ئي آھي،
عِلمُ سان آھن پال پلايون.

سبق سيئي ياد ڪريون ۽،
اُستاد پنھنجي ڪي تہ پُڌايون.

چٽنگ ٻَرِي آ عِلمُ جي ٻارو،
ھاٽي گڏجي اُن ڪي مچايون.

اھل ماڻھو ڪي ھر ڪو چاھي،
ناھن "محسن" ڳالھيون اَجايون.

◈◈

# پوپٽ





هو ڏس جاني پيارا پوپٽ،
رنگ برنگي سارا پوپٽ.

رنگ ڪيڏا ٿس پرڻن تي واهه،
اُڏرن جنهن پل نيارا پوپٽ.

دل کي لڳندا سهڻا آهن،
گل ڦل ٽڙيا جيارا پوپٽ.

جاني ان کي پڪڙين چوٽو
ڪيڏا تنهن سان نظارا پوپٽ!

ٻارن کي خوش ڪرڻ وارا،
دلڪش لمحن وارا پوپٽ.

◈◈

# عيد مُبارڪ

عيد مبارڪ ٻارن کي ڏيان،
سنگتي ساٿي سارن کي ڏيان،
عيد مبارڪ ٻارن کي ڏيان.

گلڙا، ساٿي مون ڏي آڻ تون،
هوشو، دودي ٻارن کي ڏيان،
عيد مبارڪ ٻارن کي ڏيان.

ادبي جوت ۾ جاڳي مَنَ ۾،
عادل، عاجز وارن کي ڏيان،
عيد مبارڪ ٻارن کي ڏيان.

اختر ڏاڍو دلبر ٿي وفا،
شبير، ساگر يارن کي ڏيان،
عيد مبارڪ ٻارن کي ڏيان.

خالد، غازي، "محسن" عبدُ آ،
اکڙين جي سپ تارن کي ڏيان،
عيد مبارڪ ٻارن کي ڏيان.

◈◈

# ٽيليويزن



ٽيليويزن ڏسن ٿا ٻارَ
ڏاڍو خوش ٿين ٿا ٻارَ.

ساجهر اُن ۾ هلي تلاوت،
ان کي ٻُڌندي رَسي ٿي راحت.

ڊراما اُن ۾ خوب هلن ٿا،
ڪارٽون ڏسندي ٻارَ کلن ٿا.

سائنس جي پڙ ڄاڻ ملي ٿي،
معلومات جي پيي کاڻ ملي ٿي.

وقت سان ٿي.وي ٻالڪ ڏسجي،
اُن مان سُهڻو سُخن ڪو سکجي.

◈◈

# وطن جا راٹا

ہار وطن جا راٹا آھن،
موتين جا ڇڙ داٹا آھن.

ميڙ نہ هرگز دل ۾ رکندا،
من جا صافُ سياٹا آھن.

وڏڻ جي پوئواري ڪن ٿا،
نوڙت نياز نماٹا آھن.

ناز منجهاران ڪِلن ڪُڏن ٿا،
ڪندا وڏن سان ماٹا آھن.

ہارن تي ڪر شفقت "محسن"،
ساھہ جا هو سيباٹا آھن.

◈◈

# اُپ تي تارا




سھڻا آھن اُپ تي تارا،
رات سڄي ٿا ٽمڪن سارا.

ٽيڙو ڳَتِيون جڳ مڳ جرڪن،
ويٽر روشن سندر نيارا.

ڌرتي گل ڦل ٻارو آھي،
پنھنجا اُجرا آھن چارا.

مون کي ھردم وڻندا آھن،
قدرت تنھنجا واھ نظارا!

ٻارو عِلمُي جوتِ جلايو
"محسن" ٽيندا ڀاڳ ڀلارا.

◈◈

# اُستاد





استاد عِلمُ سيکاري ٿو
رستو سهڻو ڏيکاري ٿو

روحاني پيءُ آهي جيڪو
ءِ چوندو جيءُ آهي جيڪو

جيءُ جي ٻولي عزت واري
جنهن کان ملي ٿي شفقت پياري

جڳ ساري ۾ مانُ ملي ٿو
خاص ادب فرمان ملي ٿو

عِلمُ پرائي پاس ٿيندس مان
ماڻهو پوءِ خاص ٿيندس مان

◈◈

# روئي جيجل ٿي



ٻارن جي لاشن تي روئي جيجل ٿي،
ڏرتيءَ جي دانهن تي روئي جيجل ٿي.

بي وقت مُئا جيڪي، ٻالڪ پنهنجا هِن،
سيني جي يادن تي روئي جيجل ٿي.

ظالم ٿو بم اُڇلائي ڪيئن بصره ۾،
جنگ واري راهُنِ تي روئي جيجل ٿي.

ٻار عراقي ڪربل ۾ جان ڏني آ،
ءِ ڪَتيل ٻانهُنِ تي روئي جيجل ٿي.

متحد قومن کي ڇو پاڙي ماري ٿو،
ءِ قهري ڪاهُنِ تي روئي جيجل ٿي.

◈◈

# ميلا آهن هٿڙي

اسڪولي ٻارن جا ميلا آهن هٿڙي،
موهن تي سارن جا ميلا آهن هٿڙي.

ڪراچيءَ کان گهمڻ لئِ آيا آهن ساڻي،
هر ڪنهن جي يارن جا ميلا آهن هٿڙي.

استوپا تي چڙهي نظر وڌائي مون آ،
اڇ سونهن وارن جا ميلا آهن هٿڙي.

موهن جي ڏرتيءَ تي عجب ڪا هلچل آ،
ڏرتيءَ جي ٻارن جا ميلا آهن هٿڙي.

حيدرآباد، سکر کان آيا ٿي ٻالڪ،
"محسن" گل هارن جا ميلا آهن هٿڙي.

◈◈

# ڏاهه ٿيندا

ڏاهن جا ڏَسَ پڙهي ڏاها ٿيندا،
سبقن ۾ هو ڪڙهي ڏاها ٿيندا.

ڏسجو سهڻي آ ٻارن جي دنيا،
اونچي اڏام چڙهي ڏاها ٿيندا.

اجرا آهن سارا دل جا تہ سخي،
گُلَ جي آهن لڙهي ڏاها ٿيندا.

عبادت اُهي رَبّ سهڻي جي ڪن ٿا،
مسجد، ڪليسا، مڙهي ڏاها ٿيندا.

ٻارن کي ڏي "محسن" وندر عِلمُ ۾،
سنڌي ٻولي پڙهي ڏاها ٿيندا.

◈◈

# مستقبل جا معمار



مستقبل جا معمار آهن ٻار،
ءِ شفقت جا حقدار آهن ٻار.

دل جا اُجرا، موتين وانگي اُهي،
ستارن جهڙا چمڪدار آهن ٻار.

مڪتب ۾ي ڪلندي ڪڏندي ويندا،
هر دل جي ٽڙ ٽُڪار آهن ٻار.

بابي امڙ جي اکڙين آڏو اُهي،
سونهن ۾يا دلدار آهن ٻار.

تعليم ۾ڙهن ٿا شوق سان جيڪي،
سي "محسن" سمجهدار آهن ٻار.

◈◈

# محنت

پڑهي ڏاهو عقيل ٿيندس،
نالي وارو وڪيل ٿيندس.

هِڪڙا دوست ٽيچر ٿيندا،
خاص وري انجنيئر ٿيندا.

مسيحا بڻبا پاڻن وارا،
نالو ڪيندا راڻن وارا.

محنت عظمت زنده آباد،
ربّ جي رحمت زنده آباد.

"محسن" آ ٻارن جو شاعر،
سُرت سمجهه سارن جو شاعر.

◈◈

# ٻار اسان جا مورَ



ٻار اسان جا مورَ لڳن ٿا،
سهڻا جڙ شهزور لڳن ٿا.

اوچا جن جا ڳاٽ سدائين،
ڪارونجهر جي ڪور لڳن ٿا.

دولهه واري هشمت جن جي،
دودي واري ٿور لڳن ٿا.

عِلمُ پرائي عالم ٿيندا،
ترقيءَ وارا دور لڳن ٿا.

◈◈

## سکر شهر



سکر شهر گهمنداسون ٻارو.
سونهن ٻريو جو آهي سارو.

دريا وچ آهي ساڌ ٻيلو!
ڏسڻ وٽان ٿي اهو نظارو.

ٻئراج جي ٻيهڪ سهڻي ڏسو.
روهڙي هلڻ جو آيو وارو.



ٻيدل سائين جو ڏسو مقبرو.
گڏجي سڏجي گهمو اڇيرو.

گهمي خوب سنڌوءَ جو ڪنارو.
هلنداسين معصوم شاهه منارو.



ويجهو ان جي هاءِ اسڪول،
اُستاد اُتي آ غازي پيارو.

گهنتا گهر ٻي گهمڻ جهڙو.
ڪلي خوش ٿيو هرڪو ٻارو.

◈◈

# بادل

ٽپ ٽپ بادل برسي آيو
ہارن بہ ڳَليءَ ۾ شور مچايو

چوماسي جي هِيرَ گُهلي آ،
ريبيو وارن آهي ٻڌايو

هو ڏس وڻ ٽڻ خوب کلن ٿا،
خوش ٿي منڙا راند رچايو

ڏرتي ساري گپ چڪ ٿي وئي،
هيٺ ڪرڻ کان پاڻ بچايو

جاڏي ڪاڏي هونگ هلي ٿي،
"محسن"، اهڙو سانگ سجايو

◈◈

# جوتِ

عِلمُ جي جُسجتو پاڻ گڏجي ڪيون،
چاهه واري سڃي سنڌ ڏرتي ڪيون.

لوڀ لالچ کان مون کي بچائي خُدا،
زندگي، سوجهرو شل ٻڌائي خدا.

وک وڌائي اسين جوت ٽيندا هلون،
ساڻ پنهنجو رهي ساڻ ڏيندا هلون.

چاهه منهنجو رهي ٽو سدا سچ سان،
روح روشن ٽئي ٽو ادا سچ سان.

◈◈

# چوڏيل

ڏسڻ وياسين اڄ چوڏيل،
ٻارن جو آهي اُتي ميل.

هرڪو ڪلندو ڪڏندو آيو،
ڪاڪي ڪيڏو آهي ڪمايو.

ٻاءُ چڙهي گهوڙي تي ويٺو،
منهنجي لاءِ آيو آ چيتو.

گولُ قِري ٻيو قرٽيءَ وانگي،
موقعو مليو تنهنجي سانگي.

چڪر هڻي ڏاڍو ڪلياسين،
هيٺ لهي پوءِ ٻائر ملياسين.

◈◈

## سائيڪل

بابا سائيڪل ونڻي ڏي،
منهنجي دل بہ چاهي ٿي.

رنگ برنگي لغڙيون پيٽ،
پيار منجهان تہ ڏاهي ٿي.

روئڻ ڪنهن کي ڪونہ ڏي،
ٻارن کي پرچائي ٿي.

سائيڪل تي جڏهن وينم،
خوشي ڏيئي ڪلائي ٿي.

پاڙي وارا سيئي ٻار،
مون سان اڄ ملائي ٿي.

◈◈

# لغڙ



ٻار سيئي ٿا لغڙ اڏاريون،
اُڀَ کي ٿا رنگين بڻايون.

ڪاٿا ڪار آهي سوڍا،
انڪار ناهي تو کان دودا.

هوا ۾ ڪيئن هو اُڏري ٿو
خوشيءَ مان هرڪو گڏري ٿو.

شوق آهي اسان ٻارن جو
ننڍڙن پيارن دل وارن جو.

◈◈

# اسڪول



اسڪول هلڻ جي ڪر تياري،
موڪل پوري ٿي آ ساري،

هاڻي ميلا اُٽڙي ٿيندا،
ٻارن سان گڏ ٽاهيون ٻاري،

گرمي جهولا گذري ويا هِن،
پگهر کان آ پنهنجي زاري،

هر ڪو خوشيءَ مان گهمڻ ويو،
حيدرآباد ۾ آ مِهڪاري،

پڙهڻ جو آ دور ته "محسن"،
ٻارن ۾ ٿي وارو واري،

◈◈

# جاڳي پئو

پارن جا کي مارا آهن،
ظالم وحشي سارا آهن.
سنڌ وارا سپ جاڳي پئو.

ماني لاءِ ٿو پار پاڏائي،
تنهن کي ظالم ٿو تڙپائي
هي گيت انهن لئہ سارا آهن،
سنڌ وارا سپ جاڳي پئو.

قوم جي ٻچڑن جي بہ ٻڌو من،
ڳالهہ منهنجي هڪ هي بہ ٻڌو من،
قاتل جا هت ڏارا آهن
سنڌ وارا سپ جاڳي پئو.

قاتل تنهنجو دستور کهڑو،
معصومن جو قصور کهڑو،
ٻالڪ کيڏا پيارا آهن.
سنڌ وارا سپ جاڳي پئو.

◈◈

## سنڌ سونهاري

ڀارن جي ڀاري زندهہ آباد،
يارن جي ياري زندهہ آباد،
سنڌ سونهاري زندهہ آباد.

عِلمُ پرائي وک وڌائي،
سياڻن مٿي پڳ ٻڌائي،
ديس ڪنداسين شاد آباد.
سنڌ سونهاري زندهہ آباد.

پٽائيءَ واري واٽ وڻي هل،
اها ئي روشن لاٽ وڻي هل،
ڪنهن کي نہ ڪنداسين ناشاد،
سنڌ سونهاري زندهہ آباد.

سنڌ جي وائي وات آهي،
من مهٽي سا لات آهي،
ديس ڪنداسين هي سرشاد،
سنڌ سونهاري زندهہ آباد.

◈◈

# طوطو



طوطو ساون پرڻن وارو،
سهڻو آهي ويتر سارو.
ماڻهوءَ وانگر ٻوليون ٻولي،
ساجهر اُٺندي اکڙيون کولي،
پَکِڙن ۾ آ ڏاڍو پيارو،
طوطو ساون پرڻن وارو.
ڳاڙهي ڳاڙهي هن کي ڳاني،
کائي ٿو هو مرچ ۽ ماني.
ڳالهه ٻڌو هي منهنجي ٻارو!
طوطو ساون پرڻن وارو!
مالڪ جا ٿو ٿورا ڳائي،
ٽِيون ٽِيون سان ٿو موج مچائي،
مڙني منجهه آهه نيارو،
طوطو ساون پرڻن وارو!

◈◈

# عِلمُ پرايون

اچوڙي ٻارو عِلمُ پرايون،
عِلمُ سان پنهنجو نينهن لڳايون،
سمجهون هڪٻئي کي سمجهايون،
اچوڙي ٻارو عِلمُ پرايون.
عِلمُ اسانجي ٽين اک آهي،
عِلمُ واري کي هر ڪو چاهي،
جڳ ۾ پنهنجو پاڻ ملهايون،
اچوڙي ٻارو عِلمُ پرايون.
چاهه ڪتابن سان جو رکندو،
مان مٽانهون تنهن جو ٽيندو،
عِلمُ جا گيت سيئي ڳايون،
اچوڙي ٻارو عِلمُ پرايون.

◈◈

# لولي

لولي منڙي لولي آهي،
منڙي پنهنجي ٻولي آهي.

مرڪ پياري ٻالڪ جي آ،
ساگر جي ڪا ڇولي آهي.

ٻالڪ، گڏجي گڏ هلن ٿا،
سهڻي تن جي ٿولي آهي.

ٻولين ۾ آ ٻولي نياري،
سنڌي ٻولي سولي آهي.

◈◈

# ڏرتي

ڏرتي تنهنجا ڳوٺ وسن ٿا،
ات منڙا مارو مرڪن ٿا.

توڙ نيائڻ هو ئي ڄاڻن،
جگنو ٻڌجي سي جرڪن ٿا.

ٻالڪ سيئي مالڪ آڏو،
تنهنجو ڏرتي خير گهرن ٿا.

آباد رهين شل جيجل تون،
وقت جا ڪانتا ڦرن ٿا.

◈◈

## مٺڑي ٻولي

سنڌي ٻولي مٺڑي ٻولي،
ماءُ ڏني آ جنهن ۾ لولي.
رس ڇس آهي اُن ۾ ڪيڏي!
سهڻي آهي رنگ رتولي،
سنڌي ٻولي مٺڑي ٻولي،
ماءُ ڏني آ جنهن ۾ لولي.
قومي سڏ تي هر ڪو اڳتي،
جيئي جُڳ جُڳ پنهنجي ٻولي!
سنڌي ٻولي مٺڑي ٻولي،
ماءُ ڏني آ جنهن ۾ لولي.
ڏرتيءَ جا اڄ نغما ڳايان،
سنڌو ساگر ڇولي ڇولي!
سنڌي ٻولي مٺڑي ٻولي،
ماءُ ڏني آ جنهن ۾ لولي.
قومي ٻولي ٿيندي "محسن"،
دودا ٿاهيو ٿولي ٿولي.
سنڌي ٻولي مٺڑي ٻولي،
ماءُ ڏني آ جنهن ۾ لولي.

◈◈

# چوستا

## جاڳو

جاڳو ڌرتيءَ وارا جاڳو.
ننڊڙا ٻالڪ سارا جاڳو.
عِلمُ سان ئي مان وڌي ٿو.
هوشو دودي ٻارا جاڳو.

## ڪلن ٿا

خوش ٿي ٻار جڏهن ڪلن ٿا،
گلن جا هار تڏهن لڳن ٿا،
مستقبل کي روشن ڪرڻ لئِ،
سڀ ٻار اسڪول ڏي وڃن ٿا.

◈◈

## جيءَ جيارا

پوپٽ جھڙا پيارا ٻالڪ،
آھن جيءَ جيارا ٻالڪ،
نيٽن اڳيان رھن ٽا ھردم،
منھنجا ساھ سھارا ٻالڪ.

## معصوم

فوٽ پاٽ تي ھو ٻار ويٺل،
ڦاٽل ڪپڑا ھٿ پھريل،
ايندي ويندي ڏي ڏسي پيو،
ءِ معصوم بک جو ماريل.

◈◈

## ڦاٽل ڇولا

بدن تي پهريل ڦاٽل ڇولا،
ٻالڪ ٻالڪ وڪڙن ڇولا،
ڪير ڏياري تن کي تعليم،
ڪنهن کي دانهن ڏيان مان مولا.

## راند

ٻارن راند رچائي ياءُ،
سگهو جلدي تون پي آءُ،
بيٺ پنهنجي تون ڪٽي اڇ،
خوش ٿيندي منڙي ماءُ.

◈◈

## سنڌي الفابيٽ تي ٽيڙو پٽي

ا: سان پڙهندا اک.
اسڪول وڃڻ کان اڳ ۾
تيل وارن کي مَک.





ب: سان پڙهندا بدڪ.
ٻالڪ مرکي ڳالهاءِ
ڇاجي اٽئي اٽڪ.



ب: سان پڑھندا پُکُ.
سرمد مرکي چيو سائين،
پاٽيءَ جو ٻيئان ڏُکُ.



پ: سان پڑھندا پت.
سنڌڙي وارا ڇا ڇوانءِ،
جيءُ ٻالڪ جت ڪٽ.



ت: سان پڑهندا تارو.
ٻالڪ ڪتاب کولي،
سبق کي ڏيو وارو.




ٽ: سان پڑهندا ٽيلهو.
ڪنيئر کولي آوي جيڪا،
گهڙو نڪتو پيلو.



ٽ: سان پڙهندا ٽوپي.
ڪچن گهرن کي هر ڪنهن
لڳائي آ پوچي.



ٽ: سان پڙهندا ٽونٽ.
ظلم جي آڏو ڪڏهن به نہ
اکيون پنهنجون ٻوٽ.



ث: سان پڑھندا ثواب.
سوچي سمجھي تون ٻالڪ،
ڏيندو ڪر جواب.




پ: سان پڑھندا پَڳَ
عِلمُ سان تہ حاصل ٿيندا،
سنوان سڏا ڪي دَڳَ.



ج: سان پڙهندا جُتي،
وڏيرو ويٺو محل اڏي،
هاريءَ جي جاءِ پُتي.




ڃ: سان پڙهندا ڃيڀ،
مظلوم بکن ۾ گذارن،
ظالمن پريا ٻِيَ.



جھ: سان پڑھندا جھرڪي،
مينھوڳي رُتِ ۾ ٻالڪ،
متان پوين ترڪي.




ڃ: سان پڑھندا ڃڃ،
پاٽيءَ بنا ٿر جي ڌرتي،
ڪيڏي آھي رُڃَ.



چ: سان پڑهندا چنڊ،
ديس واسي چو نہ سيئي،
ٿي پئون کير کنڊ.




چ: سان پڑهندا چٽي،
ڪپڑو واهہ تہ رنگي ڏٺو،
مون کي عبيد ڪٽي.



ح: سان پڙهندا حَجَم.
دوست ڪجي سيرت وارو.
جهڙو آهي نَجمُ.




خ: سان پڙهندا خچرُ.
صفائي رک گهر محلي جي
اچي نہ ڪو مچرُ.



د: سان پڑھندا دَرُ
اسڪول اسان جو آهي،
عِلمُ جو ئي گهر.




ڈ: سان پڑھندا ڈوبي،
اسڪول کان ڪڏهن ٻالڪ،
هٽجي ڪين گهوبي.



ڏ: سان پڙهندا ڏيڏر
تيز هوا ۾ مٿي اڏامي،
اک ۾ پيو ڪَنڙُ.




ڊ: سان پڙهندا ڊيل،
سنڈ جي مٿان آهي اڄ به،
ڏاڙيلن جي ڀيلَ.



ڊ: سان پڑهندا ڊڳو.
هوشو هيمون آيا جڏهن،
ڏاريو وٺي ڳڳو.




ذ: سان پڑهندا ذرو.
مڑس ٽي هلجي هڪ واٽ،
انسان ٽجي ڪرو.



ر: سان پڑھندا ريَل،
عجيب دنيا آهي ڪا،
ٻارو ڏسو ڪيل.



ڙ: سان پڙھندا ماڙي،
سچ جو مانُ مٹانھون آهي،
ڇڄي ويو ٻاڙي



ز: سان پڙهندا زنجير،
بابي آندو ڪوئٽا کان،
منهنجي لاءِ انجير.



س: سان پڙهندا سيٽي،
جسماني صحت لئ،
پير ڏُهو پي ٽي.



**ش: سان پڙهندا شينهن،**
**موسم آئي بهار جي،**
**وسي پيو مينهن.**



**ص: سان پڙهندا صوف،**
**اسڪول جي ڇت ۾ ادل،**
**سهڻو لڳي ٿو روف.**



ض: سان پڙهندا ضعيف،
ادب ڪر وڏڙن جو عادل،
عِلمُ پڙهہ حنيف.




ط: سان پڙهندا طوطو،
پاڻيءَ ۾ وهنجندي ٻارن،
ڪاڏو آ غوطو.






ظ: سان پڑهندا ظالم،
ظلم کي ٽوڙيندا،
گڏجي سڀ عالم.




ع: سان پڑهندا عينڪ،
پري آيو ڪٽي ڇوڪر،
چانهه جي ته چينڪ.




غ: سان پڑهندا غاليچو،
صاف ستڙو آهي،
گهر جو باغيچو.



ف: سان پڑهندا فانوس،
ذهن رکجو روشن،
ٽيو نه ڪڏهن مايوس.



ق: سان پڑهندا قيٿو،
راٽي باغ ۾ ڏٺوسين،
رنگ برنگي چيٿو.




ق: سان پڑهندا قلمُ،
لکي پڙهي ٻالڪ سيئي،
حق جو ڪٽو عِلمُ.




ڪ: سان پڑهندا ڪتو،
چور به ڪري وڃا چوري،
پاڳيو پيو هو سُتو.




ک: سان پڑهندا کَٹَ،
ايمان جو امتحان آ،
تارازي ۾ وَٹَ.




گ: سان پڑھندا گڏھ،
ڪمند مان ٿھي ٿو ٻارو،
منو آھي گگھُ.
(گگھُ: ڪمند جي پڪل گھاٽي چَاشِ)




ڳ: سان پڑھندا ڳئون،
ٻل ڪنھن کي ڪاوڙ لڳي،
چڱائي سڀ کي چئون.




گھ: سان پڑھندا گھوڙو،
سھڻو علي گل کي آھي،
ڏاندن جو جوڙو.




ڱ: سان پڑھندا سڱ،
ھاريءَ ۽ ناريءَ جا،
لوھا آھن لِڱَ !



ل: سان پڙهندا لَڪُ،
ڪاڇي مٽان ڪڪر،
ڪونجن جي ڪٽ ڪٽ.



م: سان پڙهندا مَسُ،
عِلمُ پرائڻ ۾ ڪاشف،
ناهي ڪائي ڪس.




ن: سان پڙهندا نَڏَ،
مالڪ پنهنجي مِهرَ ڪر،
دعا لاءِ ڪنيا هٿ.



ڻ: سان پڙهندا وڻ،
جيڪو توکي ماءُ ڏي،
ڪلي خوشيءَ مان ڪڻ.




و: سان پڙهندا وايو.
محنت سان جيءُ جرڪي،
ٿيءُ نہ ڪڏهن ڏاڍو.




هـ: سان پڙهندا هاٿي،
پنهنجي ديس رهڻ وارا،
ٻالڪ سپ ساٿي.

ء: تہ آهي ننڍڙو.
حرف نہ گهٽ چئبو ان کي،
ٽوپيءَ تي جيئن ڪنڌڙو.
(ڪنڌڙو: پرت جو قسم آهي)




ي: سان پڙهندا يڪو.
"محسن" آخري حرف آ،
سنڌيءَ جو سبق ٿيو پڪو.

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڙ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڙ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابر ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.


اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


وحيد محسن جي هاراڻي شاعريءَ ۾
ڪافي اهڙا گيت ۽ نظم ملن ٿا جن ۾ سادا ۽
سولا لفظ استعمال ٿيل آهن جيڪي هار
سولائيءَ سان هيئڻ ۾ هنداڻي ۽ چين ٿي
جھونگاري سگهن ٿا ۽ وحيد جي شاعري
هارن لاءِ مشعل جو ڪم ڏئي ٿي جيڪا هارن
جي مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ روشن گس
ڏانهن وٺي وڃي ٿي. سندس شاعريءَ ۾ هارن
کي اتساهه ڏيندڙ جذبا ملن ٿا جنهن سان
انهن جي همت افزائي ٿئي ٿي ۽ اڳتي وڌڻ جو
حوصلو ملي ٿو. وحيد محسن جي شاعريءَ ۾
ايڪي، ٻڌي ۽ مساوات جو پيغام ۽ اخلاق جو
درس ملي ٿو ۽ هو هارن جو من موهيندڙ شاعر
آهي.
عبدالجبار "عاجز" منگي
وحيد محسن هڪ سچو، سيبتو ۽ هارن
جو پيارو شاعر آهي، سندس هاراڻي شاعري
نهايت نفيس، نازڪ ۽ نٿين نڪور آهي. هن
جي هارن سان تمام گهڻي محبت آهي جيڪا
سندس شاعريءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي. وحيد
محسن جي شاعريءَ ۾ هارن لاءِ ڏات ڏوان پيغام
۽ ڪارائتيون صلاحون آهن. هو هارن لاءِ وڏي
شوق ۽ ذوق سان لکندو رهي ٿو. سندس اڳ ۾
ڇپيل ڪتاب ب هارن لاءِ مفيد ثابت ٿيا آهن.
فيض سومرو
وحيد محسن
مهان جوڳي
وحيد محسن